ڊاڪٽر فياض لطيف

# ادب، شاعري ۽ جماليات جو سُٻنڌ

**Dr. Fayaz Latif**

***Abstract:***

**Relation of Literature and Poetry with Aesthetics**

*Poetry and prose are beautiful modes of Literature and literature record of the populace. The word `literature` is derived from is living .take its meaning 'Elegant, polite or Bells letters `litera`, Europeans All Art forms, i.e. music, dance, painting and sculpture are impressive and inspiring, but Poetry is more attractive and sentimental phenomena, breathing expression and experience of the inner being. It because it is a of expression of internal passions as well as retains a marvelous clout only is an earlier creative activity of external images of the life. Poetry not life. the men but also an artistic manifestation of*

*Poetry is an entity of beauty. Actually it's an aesthetical art in itself, its effects do not end with itself, but remain always with us, in though .rhythm, expression, impression and imaginations ,shape of words*

*In this paper I have tried to illuminate the basic concepts, characters and co-relations of the literature and have focused to discuss the aesthetic .tenets of the poetry elements and*

شاعري، ادب جو حسين ۽ لطيف ترين اظهار آهي. شاعري ۽ سونهن جو سُٻنڌ ۽ تعلق ايترو قريبي ۽ ويجهڙو آهي، جو انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري، سمجهي نه ٿو سگهجي، ڇو ته ”حُسن، شاعريءَ جي هڪ صفت ئي نه آهي، پر شاعري ۽ حُسن هڪ ٻئي جا هم ذات ۽ هم زاد آهن.“ (1)

جماليات ۽ شاعريءَ جي سُٻنڌ ۽ تعلق تي ڳالهائڻ کان پهريان ضروري آهي، ته جماليات ۽ ادب جي تعلق کي واضح ڪندو هلجي، ڇو ته ادب ئي اهو آبشار آهي، جنهن مان شاعري ۽ ٻئي فن ۽ فڪر جون ڌارائون ڦُٽي نڪرن ٿيون.

ادب انتهائي گهڻ رخو ۽ وسيع معنى رکندڙ لفظ آهي. اهو زندگيءَ جي مڙني پهلوئن ۽ پاسن جي فڪري، فني، جمالياتي ۽ احساساتي عڪاسي ۽ نمائندگي ڪري ٿو، جنهن ڪري ان کي انسان ذات جي جملي مادي ۽ غير مادي سچائين جي تاريخ سمجهيو وڃي ٿو. "ادب، ڪائنات جو علم به آهي، ته ان جو عرفان به. ادب، علم ۽ تهذيب کي عام ڪري ٿو. مادي ۽ جسماني دنيا ۾ حسن جي تخليق ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت زندگيءَ جي مادي جدليت کي اقدارِ اعلى سان هم آهنگ به ڪري ٿو. ادب، فني تجربن جي تشريح، ماورائيت جي لاشعوري توجيهه ۽ تاريخي روايت پرستي به آهي، ته انفراديت جو شعوري امتزاج به. زندگيءَ جو تصور ادب جي نوعيت جي قدر ۽ قيمت کي روشن ڪري ٿو." (2)

ادب، زندگيءَ ۾ نه صرف نيون معنائون، مقصد ۽ خوبصورتيون تلاش ڪرڻ جي آگاهي عطا ڪري ٿو، پر اهو تنقيدِ حيات پڻ آهي. "زندگيءَ جي ٻين شعبن وانگر ادب به انهن حالتن ۽ سببن جو نتيجو آهي، جن کي مجموعي طور تي هيئتِ اجتماعي يا نظامِ معاشرت چئجي ٿو. ادب انسان جي جذبن ۽ خيالن جو ترجمان آهي ۽ انسان جا جذبا ۽ خيال وقت ۽ حالتن جي پيداوار هوندا آهن. جهڙو وقت ۽ سماج هوندو، جذبا، خيال ۽ ادب به اهڙو ئي هوندو." (3)

ادب جا مختلف وقتن ۽ مختلف سماجن ۾ مختلف مطلب ورتا ۽ مقرر ڪيا ويا آهن. ڪن ان جي ماهيت ۽ موضوع جي خيال کان وصف طئي ڪئي آهي، ته ڪن ان جي فڪري ۽ احساساتي اثر انگيزي کان مرغوب ٿي، ان کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪي ان کي مواد ۽ هيئت جي بنياد تي پرکن ٿا، ته ڪن وٽ مقصد ۽ فن جون ڪسوٽيون آهن. ڪن لاءِ اهو خيالي ۽ خوبصورت ابهام آهي، ته ڪي ان کي قومن جون تقديرون تبديل ڪندڙ محرڪ تصور ڪن ٿا. ڪن لاءِ اهو انساني جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو ذريعو آهي، ته ڪي ان کي تمدن، ڪلچر ۽ تهذيبن جو امين سمجهن ٿا. مطلب ته جيترا خيال ۽ نظريا آهن، ايتريون ئي ادب جون تعريفون ۽ تشريحون آهن. ادب جي ان طويل تعريفن جي اُلجهيل بحث ۾ پوڻ بدران پاڻ هتي لفظ "ادب" جي بنيادي ۽ لغوي معنى، ان جي سماجي افاديت ۽ اوسر تي هڪ طائرانه نظر وجهنداسين، جيڪا ئي اسان جي موضوع جي گهرج ۽ تقاضا آهي. جنهن کان پوءِ ادب

جي جمالياتي پهلوءَ تي روشني وجهڻ بعد شاعري جي جمالياتي منظر ۽ شاعريءَ جي جمالياتي قدرن کي واضح ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

ادب جو بنيادي ۽ لغوي مفهوم

ادب بنيادي طور تي عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي عربي روايتن موجب معنى آهي، 'دعوتِ وليمه'. جيئن ته هي لفظ عهدِ جاهليت ۽ پيغمبرِ اسلام جي دور ۾ دعوت، تهذيب ۽ تربيت جي مفهوم طور استعمال ۾ آيو، تنهنڪري هي لفظ متجل نه، پر منقول آهي. عربي ٻوليءَ ۾ ادب جي معنى ڪاڏي جي دعوت تي سڏڻ آهي. ان کي مدعاته ۽ مادبته ڪري به سڏبو آهي (4) ان حوالي سان علامه غلام مصطفى قاسمي پنهنجي هڪ مضمون ۾ عربن جي دورِ جاهليت جي مشهور شاعر طربه جو هي شعر پيش ڪيو آهي.

"نحن في المشتات ندعو الجعلي، لاتري آلاداب فينا ينتقر." (5)

يعني: اسان سياري (ڏڪر) ۾ به عام دعوت ڪندا آهيون. اي مخاطب! تون اسان ۾ ڪنهن به دعوت ڏيندڙ کي، ڪن خاص ماڻهن کي ڪوٺ ڏيندي نه ڏسندين، پر اسان مان هر هڪ سڀني ماڻهن کي سڏيندو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي سنڌي لغت ۾ ادب لفظ جي معنى هن طرح ڏني آهي: "آدَبُ ج آدَبَ : ذ [ع آدَبُ ج آدابُ ] خُلق، فضيلت، تهذيب، شائستگي، عزت، مانُ، مروت، وڏن جو لحاظ، فهمائش." (6)

ساڳي لفظ جي وضاحت جامع فيروزاللغات اردو جو مرتب هن ريت ڪري ٿو: "آدَب ج آداب [ع _ا _ مذ ] (i) بزرگي يا عظمت جو احترام (ii) تهذيب، شائستگي، تميز، احترام (iii) علمِ زبان، جنهن ۾ نحو، لغت، عروض، انشا ۽ بيان وغيره داخل هجن." (7)

جيئن ته عربن وٽ دعوتِ طعام ۽ مهمان نوازي، حُسنِ اخلاق ۽ ميٺ محبت جي علامت هئي، انهيءَ ڪري آهستي آهستي ادب لفظ تهذيب، شائستگي ۽ اعلى اخلاقي قدرن جي مفهوم ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. ادب ۾ تخليق ۽ انساني جذبن، احساسن جي تحريري اظهار جا مفهوم گهڻو پوءِ داخل ٿيا آهن. ادب ابتدائي طور تي توڙي جو سماجي طور طريقن، عادتن ۽ آدابن جي اختيار ڪيل منظم مظاهري جو نالو هو، جنهن جو سڌو واسطو مجلسن ۽ محفلن سان هو، پر "ان مجلسي عمل (ڪاڏي جي دعوتن ۽ مهمان داريءَ جي خارجي رسمن)

کي ذهني تربيت ۽ ارادي کان ڪنهن به طور تي الڳ ڪري نه ٿو سگهجي. ادب جو اوائلي (غير ادبي ۽ غير علمي) مفهوم جيتوڻيڪ گهٽي حد تائين افادي، خارجي ۽ مقصدي (محدود روايتي) هو، پر ان جي خارجيت، داخلي محرڪات کان بي نياز نه هئي. بعد ۾ جڏهن ادب کي اظهار ۽ بيان جي تحريري ذريعي طور اپنايو ويو، تڏهن تهذيب و اخلاق ۽ تزڪيه نفس جو بنيادي تصور ان ۾ داخلي ڪيفيت جي حيثيت ۾ لازمي طور موجود رهيو." (8)

وقت گذرڻ سان ادب جو لفظ پنهنجي بنيادي معنى 'دعوتِ طعام' کان اصطلاحي معنى 'تاديب ۽ تهذيب' جي معنائن ۾ منتقل ٿيو. بنو اُميه ۽ عباسين جي دورِ حڪومتن ۾ ادب لفظ، نه فقط تاديب ۽ تهذيب جي معنائن ۾ استعمال ۾ آيو، پر اهو تعليم، تربيت ۽ مودبيت جي مفهومن طور پڻ مروج ٿيو. "ان دور ۾ معلمين کي مودب سڏيو ويندو هو، جيڪي خلفاءَ جي اولاد کي تعليم ڏيندا ۽ کين عربي ثقافت ۽ سپيتا کان واقف ڪندا هئا." (9)

ادب لاءِ يورپي ماڻهن 'Elegant and polite literature' يا 'Bells letters'جا لفظ استعمال ڪيا، جن مان سندن مراد هئي ته، "اهو علم ۽ اها تحرير، جيڪا ادب، لطائفِ طبع، زيب ۽ زينت جي عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري." (10)

ادب جو لفظ، تحريري ۽ لفظي طور عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳي صورت ۾ موجود آهي، جڏهن ته ان ساڳي لفظ لاءِ هندي ۾ 'ساهتيه' ۽ انگريزيءَ ۾'Literature' جا لفظ مروج آهن، پر لغوي ۽ اصطلاحي حوالي سان سنڌيءَ ۾ مستعمل لفظ 'ادب' عربي، فارسي ۽ اردو ۾ مروج لفظ 'ادب' کان نه صرف گهٽو نرالو ۽ مختلف آهي، پر اهو هنديءَ جي 'ساهتيه' ۽ انگريزيءَ جي 'Literature' لفظن کان پڻ وڌيڪ وسعت رکندڙ آهي. سنڌيءَ جي'ادب' ۽ انگريزيءَ جي لفظ 'Literature' تي تفصيلي بحث ڪندي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو: "Literature لفظ Litera مان ورتو ويو آهي، جنهن مان مفهوم رڳو ڇپيل يا لکيل مواد جو نڪري ٿو...لٽريچر کي انساني تاريخ جي رڪارڊ جي حيثيت ۾ وٺي نه ٿو سگهجي، ڇو ته انساني تاريخ جي نسبت لٽريچر جو مفهوم ايترو وڏو ۽ وسيع نه آهي." (11) جڏهن ته ساڳي حوالي سان گوئٽي جو چوڻ آهي ته: "انسان ذات جي رڪارڊ جي حيثيت ۾ لٽريچر تمام گهٽو

محدود آهي. اهو سڄي رڪارڊ جي حصي جو به هڪ حصو آهي، ڇو ته رڪارڊ جي اندر جو ڪجهه به آيو آهي، اهو جو ڪجهه ڇيل ۽ ڪيل آهي، ان جو به هڪ حصو آهي ۽ جو ڪجهه رڪارڊ تي آندو ويو آهي، ان جو به ٿورو حصو آهي، جيڪو اسان تائين پهتو آهي.″ (12) پر ان جي برعڪس ادب ايترو وسيع ۽ بامعنى لفظ آهي، جيترو جرمن ماڻهن لاءِ Dichtung يا Worfkunstۦ رومين لاءِ Slovesnast جا لفظ اهميت وارا آهن، جن ڪي هو پنهنجي زندگيءَ جي ادبي، تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ جي وسيع معنائن ۾ استعمال ڪندا آهن.

سنڌي واري لفظ ’ادب‘ جو پڻ مفهوم آهي. ″لغت جي حساب سان ادب جو مادو ادب آهي، جنهن جو مطلب آهي، ادب سيکارڻ، مهذب يا شائسته بنائڻ. ٻيو مفهوم آهي تادب ۽ تاديب، جنهن جي معنى اصلاح، سنوار ۽ سڌار آهي. ان جي مجموعي معنى هيءَ ٿيندي ته ڪنهن انسان کي ان جي ڪلچر ۽ تهذيب ۾ موجود وٿن سان روشناس ڪرائڻ.″ (13) ان ڪري ادب، انساني تاريخ، ڪلچر، ٻولي، انساني احساسن ۽ جذبن جو مجموعو ۽ تاريخ ۾ تهذيب جي آبياري ڪندڙ آهي. جڏهن ته لٽريچر ايامِ پستي واري دور کان پوءِ صنعتي انقلاب ۽ نين تبديلين جي ردِ عمل ۾ جنم وٺندڙ اهو لفظ آهي، جنهن جو دائر عمل سماجي تاريخ جي تحريري رڪارڊ تي مشتمل آهي.

ادب جي افاديت

″ادب جي سڀ کان وڏي خوبي آهي ئي اها، ته اهو انساني جذبن کي حرڪت ۾ آڻڻ جي سگهه رکي ٿو.″ (14) ماڻهن جي زندگيءَ جي طور طريقن کي تبديل ڪري، انهن ۾ سُرت ۽ سجاڳيءَ جي نئين ۽ صحتمند قدرن کي اُڀاري ۽ اُجاگر ڪري ٿو. ″اديب نه رڳو پنهنجن مشاهدن، تجربن ۽ پنهنجي آڏو لنگهندڙ واقعن جو اثر قبول ڪري، ان جو سڌو سنئون عڪس موٽائي ٿو، پر ان کي پنهنجي ذاتي شعور ۽ جذبن جي رنگ ۾ رڱي ان جو اظهار ڪري ٿو.″ (15) انهيءَ ڪري ادب نه صرف سماج جي احساساتي ۽ جمالياتي تاريخ آهي، پر اهو اديب جي تخليقي شعور ۽ فنڪارانه ادراڪ جو عڪس ۽ اولڙو پڻ آهي.

علامه آءِ آءِ قاضي ادب لفظ جو اشتقاق ٻڌائيندي، ان جي حسي ۽ اصطلاحي معنائن تي هن ريت روشني وجهي ٿو: ″ادب عربي جي لفظ دب مان نڪتل آهي، جنهن جي معنى آهي، سُرڻ ۽ پٽ تي ريڙهيون پائڻ (To creep and crawl) لغت جي لحاظ کان لفظ ادب

جي معنیٰ ريڙهيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ يا سنڌي اصطلاح موجب، اڻ گهڙيل ڪاٺ کي رندو هڻي سڌو ڪرڻ آهي. انهيءَ مقصد سان ئي اڃ کان ڪافي عرصو اڳ معاشري ۾ استاد مقرر ٿيندا هئا، جن کي اديب چيو ويندو هو. چاڪاڻ ته تعليم سان گڏ ٻار جي تربيت ۽ تاديب به سندن ذمي هئي.....تاديب جو مطلب آهي، گهڙجڻ ۽ اصلاح جي رَندي سان چلجي سنئون سڌو ٿيڻ. جيئن واڍو اڻ گهڙيل ڪاٺ جي ٽُڪري کي واهولي، رَندي ۽ روات جي مهميزن سان هڪ خوبصورت شڪل ڏئي ٿو، تيئن انساني ٻار به والدين ۽ استادن جي تنبيهن ۽ زماني جي لوڏن ۽ گردشن ۾ گسڻ پسڻ واري تاديب بعد وڃي ڪنهن مهذب ۽ شائسته شخصيت جو مالڪ بڻجي ٿو. اهي مهميزون ۽ تلخ تجربا ئي ڪيس ماڻهو بڻائين ٿا.” (16)

مذڪوره عالمن جي ادب بابت ڏنل مختلف تاريخي ۽ لغوي حوالن مان اهو واضح ٿئي ٿو، ته ابتدا کان وٺي ادب لفظ جو واهپو انساني معاشري جي عملي ۽ علمي فعلن يعني اهڙي فنِ لطيف سان رهيو آهي، جنهن جو موضوع ۽ محور زندگي آهي ۽ زندگي سدا روان دوان هجڻ جو نانءُ آهي. جيئن زندگي متحرڪ آهي، ائين ئي ادب جا مقصد ۽ مفهوم به متحرڪ ۽ ممتاز آهن. ”ادب ڪائي بي مقصد شيءِ نه آهي، ان جو به هڪ مقصد آهي ۽ اهو مقصد انتهائي اُتم ۽ اعلیٰ آهي...ادب خود پنهنجي هڪ شريعت رکي ٿو. اهو زندگيءَ جي ٻين شعبن جا فطري اثر قبول ڪري ٿو، پر انهن جي بي روح رهنمائي قبول نه ٿو ڪري، ڇو ته ادب خود زندگي ۽ ان جي هر شعبي جو رهنما آهي.” (17)

ادب، زندگيءَ جي خارجي ۽ داخلي صداقتن جي اهڙي اثرائتي تصوير ڪشي ۽ فنائتو اظهار آهي، جنهن کي هڪ تخليقڪار تخيل، جذبي ۽ جولان جي هڪ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري، نه صرف پنهنجي تخليقي ۽ جمالياتي جوهر کي عيان ڪري ٿو، پر ان سان گڏوگڏ پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ کي حُسن ۽ حقيقت، خيال ۽ خوابن جا نوان جهان پڻ ڏيکاري ٿو. ”اديب، شاعر ۽ آرٽسٽ ماڪيءَ جي مَکِ وانگر آهن. هو جيترو سُٺن ۽ عظيم خيالن جي گلن تي ويهندا، اوتري مِٺي ماکي ڪٺي ايندا.” (18) ادب، مصوري، موسيقي، سنگتراشي ۽ ٻين فنونِ لطيفه جي شعبن کان ان ڪري به منفرد ۽ مختلف آهي، جو ان جي

اظهارِ بيان ۾ شائستگي، تخيلي ندرت، فڪري ۽ فني سونهن به آهي، ته ان ۾ محظوظ ڪرڻ جا گڻ ۽ مهذب بڻائڻ جون خوبيون به آهن.

ادب جو اوائلي ’دعوتِ طعام‘ وارو مفهوم هجي يا بنو اُميه ۽ خلفاءَ واري دور جون ’تهذيبي ۽ تاديبي‘ معنائون، يا وري ’ادب زندگي آهي‘ وارا ادب جا جديد اصطلاحي مطلب هجن، پر انهن سڀني ۾ سکيا، سُلڇڻائي، شائستگي، علمي فضيلت ۽ آدابِ معاشرت جا احساساتي ۽ فڪري پهلو موجود ملن ٿا، جن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته، ادب باشعور سماج جي تجربن، معاشرتي آدابن، خارجي مظهرن، داخلي وارتائن ۽ احساساتي روين جو نه صرف موثر رڪارڊ آهي، پر” ادب انهيءَ اظهار جو نالو آهي، جيڪو هڪ سوچيندڙ سماج جي سوچ جي پيداوار آهي.“ (19) ۽ اهو سوچ ۽ فڪري بيداري وارو عمل ئي آهي، جيڪو ادب کي حياتياتي افاديت عطا ڪري ٿو.

ادب جيئن ته سماجي زندگيءَ جو اولڙو ۽ اديب جي فنڪارانه ادراڪ ۽ احساس جو مظهر آهي، انهي ڪري اهو نه صرف پنهنجي وجود ۾ خارجي سونهن جون سچائيون رکي ٿو، پر ان ۾ تخليقڪار جون داخلي خوبصورتيون پڻ موجود آهن. ان ڪري ادب ۽ جماليات جو گهرو تعلق آهي.

اديب ۽ سرجڻهار، سماج جو هڪ سُچيت ۽ سُجاڳ فرد آهي. هُو پنهنجي وقت ۽ حالتن جا نه صرف اثر قبول ڪري ٿو، پر داخلي طرح انهن کي پنهنجي عقل ۽ ادراڪ سان پروڙي ۽ پُرجهي پنهنجي تخليقي اظهار ۾ پڻ اوتي ٿو، ان ڪري هڪ شاعر ۽ فنڪار جو فن هڪ طرف هن جي دل جي دنيا جي تخليقي خوبصورتين ۽ حقيقتن جو عڪس آهي، ته ٻئي طرف انساني زندگيءَ جي سُکن، سورن، آڄپي جي اُمنگن، جستجو ۽ آئيندي جي سهڻي ساپيائن جي آرسي آهي.

انسان جي تخليقي عمل زندگيءَ جي تعمير ۽ اڏاوت فقط خارجي حالتن ۽ حقيقتن جي بنياد تي نه ڪئي آهي، پر ان لاءِ حُسن ۽ سونهن جون سچائيون پڻ هُن جي عمل جو حصو رهيون آهن. انسان اڄ تائين جيڪا مادي، فني ۽ فڪري ترقي ڪئي آهي، اها رڳو سائنسي کوجنائن جو نتيجو نه آهي، پر ان ۾ انسان جي جمالياتي ادراڪ ۽ سونهن جي ڪرشماتي سگهه جو عمل دخل پڻ شامل رهيو آهي، ڇو ته جماليات، تخليق جو سڀ کان وڏو محرڪ آهي. جمالياتي احساس، انسان کي اُتساهي ۽ ان جي تخيل کي اهڙي موڙ تي پهچائي ٿو، جتي

تخليقي عمل ممڪن بڻجي ٿو. سونهن کان سواءِ تخليق جو تصور بيجان ۽ بي روح جسم جهڙو آهي.

"ڪائنات جي سائنسي شعور جي سچائي ۽ سڌريل جمالياتي لاڙو، انساني جذبن کي انسان جي ئي شايانِ شان ڪندو آهي. چاڪاڻ ته جمالياتي چاهه، انسان جي تخليقي چاهه جو بنياد آهي....جمالياتي ۽ جذباتي لاڳاپو ئي انساني دل، دماغ ۽ ذهن کي سرجڻهار عمل سان سگهارو ڪندو آهي، ان ڪري جيسين فڪر کي جماليات سان ۽ جماليات کي انساني جذبات سان نه ٿو جوڙيو وڃي، تيسين ڪا به انساني تخليق مڪمل ٿي نٿي سگهي... انهيءَ ڪري سونهن کي سچائيءَ سان ۽ سچائيءَ کي شعور ۽ ساڃاهه سان سلهاڙي، جيڪا به سرجڻهاري ڪبي آهي، اها ئي انساني ارتقا جو اصل بنياد ٿيندي آهي ۽ انسان جي تاريخ جي تخليقي عمل جو تسلسل، انهيءَ بنيادي سرگرميءَ سان جڙيل آهي." (20)

ادب جيئن ته سماجي زندگيءَ جو آئينو ۽ تهذيبي ۽ تمدني قدرن جو امين رهيو آهي، ان ڪري هر دور ۾ ان پنهنجو اصلاحي، تعميري، تعليمي، اخلاقي، تاديبي ۽ جمالياتي ڪردار ادا ڪيو آهي.

### شاعريءَ جو جمالياتي پس منظر

شاعري، انسان جي اوائلي احساساتي ۽ تخليقي سرگرمي آهي. اها ان جي اندر جي وجداني ڪيفيتن ۽ خارجي دنيا جي لقائن جو، لفظن ۾ اهڙو منظوم ۽ اثرائتو اظهار آهي، جيڪو دل ۽ حواسن تي نه فقط تکڙو اثر انداز ٿئي ٿو، پر ان جو پنهنجو هڪ فني، فڪري، سماجي ۽ جمالياتي ڪارج پڻ آهي، ان ڪري ان جي اهميت ٻين فنونِ لطيفه جي شعبن جي نسبت وڌيڪ ۽ وسيع آهي.

"موسيقي، سماعتن جي محتاج آهي، سماعتن کان سواءِ ان جو ڪو به اثر ڪارگر نه ٿو رهي. ڪنهن تصوير کان متاثر ٿيڻ لاءِ اکين جو هجڻ لازمي آهي، پر شاعري سڀني حواسن يعني باصره، ذائقه، شامه ۽ لامسه تي اثر انداز ٿي، ماڻهوءَ کي موهي ۽ متاثر ڪري ٿي....شاعري انساني جذبن جي اهڙي پُرسوز صدا آهي، جنهن کي ٻُڌي دل ۾ خوشي، غم يا جوش جا احساس پيدا ٿين ٿا ۽ اها ئي خوبي ان کي سائنس کان پڻ مختلف ۽ ممتاز بڻائي ٿي. شاعريءَ جو تخاطب جذبات آهي، جڏهن ته سائنس دليل ۽ ثبوت جي قائل آهي. سائنس استدلال کان ڪم وٺندي آهي ۽ شاعري محرڪات کي استعمال ڪري ٿي.

سائنس عقل اڳيان ڪوئي علمي مسئلو پيش ڪري ٿي، پر شاعري احساسن کي دلڪش منظر ڏيکاري ٿي.” (21)

شاعري جذباتي ۽ روحاني تجربي کي ٽُز لفظن ۽ احساساتي آهنگ ذريعي نه فقط مخاطب تائين رَسائي ٿي، پر ان تي پنهنجي سحر جا ديرپا اثر ڇڏي، ان کي نئين تخليقي حسيت ۽ شعور سان پڻ آشنا ڪري ٿي ۽ اهو ئي ان جو وڏو ڪمال آهي. ان خاصيت ڪري وردس ورٿ (Words worth) شاعريءَ کي سڀني علمن جو روح ۽ اعلى ترين اظهار ڪوٺي ٿو ۽ ميٿيو آرنلڊ (Matthew Arnold) ان جي ماضي ۽ حال ۾ ادا ڪيل ڪردار ۽ ڪارج کان نه فقط مطمئن نظر اچي ٿو، پر ان جي شاندار مستقبل مان پڻ پُراميد آهي، جنهن ڪري ئي هُو پنهنجي مضمون ’The Study of poetry‘ ۾ لکي ٿو:

> “The future of poetry is immense, because in poetry, where it is worthy of its high destinies, our race, as time goes on, will find an ever surer and surer stay. There is not a creed which is not shaken, not an accredited dogma which is not shown to be questionable, not a received tradition which does threaten to dissolve. Our religion has materialized itself in the fact, it has attached its emotions to the fact, and now the fact is failing it. But for poetry the idea is everything, the rest is a world of illusion, of diving illusion. Poetry attaches its emotion to the idea, the idea is The strongest part of our religion today is its unconscious the fact. )2poetry.” (2

(شاعريءَ جو مستقبل نهايت ئي شاندار ۽ پنهنجي اعلى آدرشن ڪري وسيع آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، انسان کي شاعريءَ تي وڌيڪ اعتماد ٿيندو ويندو. اهڙو ڪوئي ڌرم ناهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تان هٽيو نه هجي. اهڙو ڪوئي عقيدو ڪونهي، جيڪو شڪ کان بالاتر هجي ۽ اهڙي ڪائي رسم ۽ روايت ڪانهي، جيڪا وقت سان تبديل ۽ ختم نه ٿي هجي. اسان جو مذهب ماديت جي اثر هيٺ اچي، هٿ ٺوڪئي حقيقتن جي ڦنڌي ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ مذهبي جذبات پڻ مصنوعيت جو شڪار بڻجي، پنهنجي وقعت وڃائي رهيا آهن، پر شاعريءَ لاءِ خيالَ ئي ان جو اثاثو آهن، باقي ٻيو سڀ ان لاءِ فاني، اجايو ۽ عبث آهي. شاعري جذبات کي خيال سان جوڙيندي آهي ۽ خيال ئي ان جي سچائي آهن. اڄ اسان جي مذهب جو سڀ کان سگهارو حصو، ان جي لاشعوري شاعري آهي.)

شاعري پنهنجي لفظي ۽ احساساتي وجود ۾ ماڻهوءَ کي نه صرف محظوظ ڪرڻ جو سامان رکي ٿي، پر ان سان گڏوگڏ اها زندگيءَ جي حُسن ۽ حقيقت جا اهي اڻ ڏٺا ۽ اڻ ڇُهيا رنگ پڻ ڏيکاري ٿي، جن کي سائنسي استدلال ذريعي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ بنهه مشڪل آهي، ڇو ته شاعري، جيئن زندگي آهي، ان جو عڪس به پَسائي ٿي ۽ اها جيئن هئڻ گهرجي، ان جو احساس به ڏياري ٿي. يعني اها نه رڳو زندگيءَ جي مادي سونهن ۽ سچائين جي آرسي آهي، پر اها احساس ۽ جذبات جو هڪ پنهنجو جهان رکي ٿي، جنهن کي ميٿيو آرنلڊ پنهنجي مضمون "Nature and function of poetry" ۾ هيئين بيان ڪري ٿو:

> "Poetry does not present life as it is, rather the poet adds something to it from his own noble nature, and this something contributes to his criticism of life. Poetry makes man moral, better and nobler, but it does so, not through direct preaching, or by appealing to reason, like science, but by appeal to soul, to the whole 0f man. The poet gives in his poetry what he really and seriously believes in, he speaks from the depths of his soul, and speaks it so beautifully that he creates a thing of beauty and so a )3perennial sources of joy." (2

(شاعري، زندگيءَ کي ائين بيان نه ٿي ڪري، جيئن اها آهي، پر شاعر پنهنجي ذات ۽ ذانءَ جا رنگ ان ۾ پرٽي ان کي نئون ۽ نرالو بڻائي ٿو، جنهن مان ان جي زندگيءَ جي تنقيدي شعور جو پتو پوي ٿو. شاعري انسان کي مهذب ۽ شائسته بڻائي ٿي، پر اها اهو ڪم تبليغي ۽ سائنسي استدلال جي انداز ۾ نه، پر احساس جي ذريعي ڪري ٿي، جيڪو سڀني ماڻهن جي من کي موهي ۽ متاثر ڪري ٿو. شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ اهو ئي ڪجهه اظهاري ۽ اوري ٿو، جنهن ۾ هن جو پنهنجو يقين آهي، پر هو ان کي پنهنجي روح جي گهرائيءَ ۽ فن جي اهڙي حُسناڪيءَ سان بيان ڪري ٿو، جو اها سونهن ۽ مسرت جو انوکو سنگم بڻجي پوي ٿي.)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته شاعري ازل کان وٺي، زندگيءَ جي اجتماعي ۽ تمدني حالتن ۽ انساني تهذيب ۽ ترقيءَ جي قدرن جي پاسدار هجڻ سان گڏوگڏ قدرت جي حُسن ۽ حقيقت جي عڪاس پڻ رهي آهي ۽ ان کي اهي سموريون فڪري ۽ فني حُسناڪيون شاعر ۽ تخليقڪار جي ادراڪ ۽ احساس عطا ڪيون آهن.

”شاعر، جنهن کي انگريزيءَ ۾ پوئٽ ‘Poet’ چئجي ٿو، اهو لفظ يوناني ٻوليءَ مان ورتل آهي، جنهن جي معنیٰ آهي ”صنعت گر يا فنڪار.“ ان نسبت سان ڏسجي ته، شعر عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنیٰ آهي، ڄاڻڻ ۽ پروڙڻ.......انگريزي لفظ پوئٽري ‘Poetry’ جي به اها ئي معنیٰ آهي. پوئيو (Poieo) جي معنیٰ ‘I Create or Produce’ يعني 'مان پيدا يا تخليق ڪريان ٿو' آهي....انهيءَ ڪري شعر ضد ٿيو جهل يا ناداني‌ءَ جو ۽ شاعر جو ضد ٿيو جاهل. سڀ ڪو رواجي ماڻهو ڄاڻندڙ ۽ پروڙيندڙ ڪين هوندو آهي. ڪو داناءُ، حڪيم، فيلسوف، پيغمبر ۽ اولياءُ ئي انهيءَ نالي جو لائق ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري قديم وقت ۾ اڪثر شاعر اولياءُ شمار ڪيل هو. سمجهيل هو ته، شعر خدائي ڏات آهي ۽ اهو الهام وانگي ماڻهوءَ جي دل ۾ اچي ٿو، جنهن ڪري شاعرن جي تعظيم به پيغمبرن ۽ اوليائن جهڙي هوندي هئي.“ (24)

شاعري ۽ شاعرن بابت اهڙا خيال ۽ ويچار نه صرف اوائلي دور ۾ موجود هئا، پر اڄ تائين شاعريءَ کي اڪثر ڪري الهامي ۽ لاشعوري عمل تصور ڪيو وڃي ٿو. شاعر لاءِ عام خيال اهو آهي، ته هن تي جڏهن وجداني ڪيفيت طاري ٿئي ٿي، تڏهن ئي هو شعر تخليق ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو شاعرن لاءِ عربي ۾، ”تلاميذالرحمان“ يعني: ”اهي خدا جا شاگرد آهن“ وارو مقولو عام ۽ مشهور آهي.

مٿئين مقولي ۾ توڙي جو ڪنهن حد تائين روايتي مبالغي جو عنصر موجود آهي، پر ان جي باوجود شاعر جي غير معمولي ڏات ۽ تخليقي قدرت پنهنجي جاءِ تي هڪ سگهارو سچ آهي، جنهن کان ڪنهن به طور تي انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، ڇو ته هڪ تخليقڪار جو آرٽ ئي سماج ۾ سونهن ۽ سجاڳيءَ جي قدرن کي بهتر نموني اجاگر ڪري، انهن کي ماڻهن تائين پکيڙي ۽ پهچائي ٿو.

“Art is a form of reflection of reality in artistic images in the mind of man reflecting the surrounding world. Art helps peoples to understand it and serves as powerful instrument of political, moral and artistic education.” (25)

(فن، انسان جي ذهن ۾ موجود فني تصورن ۽ آس پاس جي دنيا جي حقيقتن جو عڪس آهي. اهو نه صرف ماڻهن جي شعوري سهائتا ڪري ٿو، پر انهن جي سياسي، اخلاقي ۽ فنڪارانه تربيت ۾ پڻ ان جو سگهارو ڪردار آهي.) ان فنڪارانه صلاحيت ۽ تخليقي

خوبصورتيءَ سبب هر دور ۾ شاعرن جي پنهنجي هڪ منفرد ۽ الڳ حيثيت رهي آهي. شاعرن ۽ تخليقڪارن جي قلمي ۽ فڪري سگهه، نه فقط سماجي تاديب ۽ تهذيب ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، پر انهن پنهنجي لطيف اظهار ۽ جادو بيانيءَ سان سماجن جا رخ تبديل ڪري، ماڻهن جي دلين تي پنهنجي تخيل جي سحر ۽ سندرتا جي حڪمراني قائم پڻ ڪئي آهي. ان فنڪارانه صلاحيت ۽ فڪري خوبيءَ سبب ئي شاعرن کي اوائلي دور کان وٺي اڄ تائين اُتم حيثيت حاصل رهي آهي. چيو وڃي ٿو، ته "عربن ۾ جڏهن ڪوئي شاعر پيدا ٿيندو هو، ته هر طرف کان ان کي مبارڪون ملنديون هيون. جشن جا اهتمام ٿيندا هئا. عورتون گڏ ٿي ڳيچ ڳائينديون هيون ۽ نه صرف شاعر، پر ان جي پوري قبيلي جو مان مٿانهون ٿي ويندو هو." (26)

مجنون گورکپوري پنهنجي ڪتاب، "ادب اور زندگي" ۾ لکي ٿو، "انسان کي جيڪي خاصيتون ٻي مخلوق کان ممتاز بڻائين ٿيون، انهن مان ٻه انتهائي اهم آهن. هڪ ضرورت وقت ڪائي شيءِ ايجاد ڪري سگهڻ جي قابليت ۽ ٻي ڳالهائڻ يا اظهار ڪرڻ جي خوبي ۽ اظهار جي سڀ کان رسيلي ۽ حسين صورت شاعري آهي، جيڪا بني آدم جي همزاد ۽ ازلي رفيق آهي.... شاعريءَ جو شروع کان وٺي واسطو انسان جي جياپي ۽ ان جي فلاح ۽ ترقيءَ سان رهيو آهي. ان جو آغاز تمدن جي ان زماني ۾ ٿيو، جنهن کي ڏند ڪٿائن جو ابتدائي دور چئجي ٿو. شاعري جادو ڦيٽي سان وجود ۾ آئي. شعر جا قديم ترين نمونه جادو ۽ منتر جا اهي ٻول آهن، جيڪي قدرت جي فوق البشر عنصرن ۽ ناقابلِ تسخير قوتن کي راضي رکڻ يا انهن کي زير ڪرڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا." (27)

انهن وهمن ۽ وسوسن، ٽوڻن ڦيٽن ۽ منترن اڳتي هلي مذهبي رنگ اختيار ڪيو، جنهن لاءِ شاعري اظهار جو موثر ذريعو بڻي. صالح ۽ طالح روحن جو تصور انهن ڏينهن ۾ به هو. ان دور جو انسان صالح روحن کي سهڻو ۽ صدورو سمجهي، انهن جي ثنا ۽ تعريف ۾ پَڇن رَچيندو هو ۽ خبيث روحن کي نِدورو ڄاڻي، انهن کي زير ڪرڻ لاءِ منتر ۽ ڦيٽا ٺاهيندو هو. "ان جو سڀ کان اوائلي ۽ مهذب نمونو اهي مقدس ڪتاب 'اوستا، ويد، توريت، زبور ۽ انجيل' وغيره آهن، جيڪي آسماني صحيفا سڏجن ٿا ۽ انهن کي هميشه الهامي آواز سان منسوب ڪيو ويو آهي." (28) اهي سڀئي شعر جنهن زبان ۾ آهن،

انهن ۾ ان دور جي مذهبي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي سان گڏوگڏ انسان جي ذهن جي جمالياتي احساسن جي جهلڪ پڻ ملي ٿي. بقول ڪاڊ ويل ڪرسٽوفر :

“It is a social reality. The phantasy of poetry is a social image, therefore the phantastic world of poetic ritual, myth or drama expresses a social truth about the instincts of man, such truths are necessarily phrased, and therefore, in the language of emotion…poetry is one of the earliest aesthetic activities of human mind.” (29)

(اها هڪ سماجي حقيقت آهي، ته شاعريءَ جو ابهام به سماج جو عڪس آهي، انهي ڪري شاعر جي خيالن جي طلسمي دنيا، ان جون ڏند ڪٿائون ۽ ڊرامائي انداز فردي روپ ۾ سماجي سچائين جو اظهار آهن. اهي سچائيون جذبن جي زبان ۾ آهن، انهيءَ ڪري ضرور مبهم آهن. شاعري، انسان جي ذهن جي اوائلي جمالياتي سرگرمي آهي.)

شاعري، جذبن جي فطري زبان ۽ انسان جي نفسياتي ۽ فڪري روين جو احساساتي رڪارڊ آهي، تنهن ڪري ”سڀ ڪنهن ملڪ يا قوم جي شروعات جي تصنيف اڪثر شعر ۾ آهي ۽ انهيءَ جو مضمون اڪثر بهادري يا جنگ جي شوق يا وري مذهبي جوش بابت آهي....سڀ ڪنهن هنڌ پهرين جهنگلي شعر آيو، جنهن کي بئلڊ ٿا چون، جنهن جو خاص راڳ سان واسطو هو ۽ اڪثر تاريخي لڙايون انهن ۾ ڏنل آهن. پوءِ وڏن قصن ۽ داستانن جو شعر آيو، جنهن کي ايپڪ پوئيٽري چئجي ٿو. جيئن ته اليڊ، آڊيسي، مهاڀارت، شاهنامو، جيڪي مجلسن ۾ پڙهبا به هئا ۽ ڳائبا به هئا. پوءِ ڊراما يا ناٽڪ آيو، جنهن ۾ اهي قصا نقل ڪري ڏيکاربا هئا، جنهن ڪري ماڻهن تي زياده اثر پيدا ٿي ٿيو. سڀ کان پوءِ عشق ۽ ٻئي قسم جو شعر آيو، جو دل جي حالت، شوق ۽ جوش بابت هو، جنهن کي لِرڪ پوئيٽري ٿا چون....انسان، جيڪو 'حيوانِ ناطق' يعني ڳالهائيندڙ جانور آهي، سو پنهنجي سُڀائي حالت ۾ دل جي شوق مان جڏهن پنهنجي اندر جا خيال ظاهر ڪري ٿو، تڏهن سندس واتان شعر ٿو نڪري. انهيءَ جو سبب توڙي اثر، اڪثر اهو آهي، ته ٻُڌندڙن کي اهو مِٺو ٿو لڳي ۽ انهن جو ڌيان ڇڪي ٿو.” (30)

ناميارو ليکڪ ۽ عالم مرزا قليچ بيگ سنڌي شاعريءَ بابت لکي ٿو، ”سنڌي شعر به ٻين ملڪن جي شعر وانگي قصن ۽ جنگين بابت هو ۽ اڪثر اڻ پڙهيل ماڻهن جو چيل هو ۽ اهو ڀٽَن، چارڻ يا مڱڻهار

چوندا هئا ۽ ڳائي پڙندا وتندا هئا....راءِ ڏياچ، سسئي پنهون، عمر مارئي، هير رانجهو، سهڻي ميهار، مومل راڻو، دودو چنيسر، شاهه بهرام، ليلا چنيسر ۽ ٻيا اهڙا قصا سڀ لوڙائو بيتن جي صورت ۾ هوندا هئا، جي پوءِ لکڻ ۾ آيا.” (31)

شاعري جيئن ته پنهنجي اظهارِ بيان ۽ آهنگ سبب انساني فطرت جي قريب ۽ ان جي جذبن جي عڪاس ۽ هم سفر رهي آهي، انهيءَ ڪري ان جو موسيقي ۽ سُر تال سان رشتو به پراڻو آهي. ”قديم دور ۾ ماڻهو فطرت سان سرشار ٿي ڳائيندو ۽ ناچ ڪندو هو يا وري ديوتائن کي راضي رکڻ يا انهن جي ساراهه ۾ پڄڻ چوندو هو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي خوشي ۽ ڏک جي جذبن کي اظهاريندو هو. آهستي آهستي شاعري فطرت جي ڏيکائن مان ٿيندي پنهنجي وجود تي مرڪوز ٿي ۽ پيار جهڙن جذبن جي عڪاسي به شاعري ۾ٿيڻ لڳي.” (32)

يونان ۽ ٻين متمدن ملڪن جي قديم تاريخ تي نظر وجهجي ٿي، تڏهن معلوم ٿئي ٿو، ته رقص ۽ نغمگي شاعري جو اصل روح رهيا آهن. ايسڪائيلس (Aeschylus)، سوفوڪلس (Sophocles)، شيڪسپيئر (Shakespeare) ۽ ڊانٽي (Dante) جون الميه (Tragic) تحريرون هجن، يا هومر (Homer)، ڪاليداس ۽ فردوسيءَ جون رزميه (Epic) تخليقون، شاهه لطيف جا منظوم رومانوي داستان هجن يا شيخ اياز جي شاعري، اهي سڀئي جذباتي احساس ۽ تغزل جو حسين امتزاج آهن.

”هومر جي اليڊ کان وٺي ورجل جي اينيڊ (Aeneid) تائين، طاسو جي يروشلم آزاد (Jerusalem liberote)، اسپنسر جي فيري ڪوئن (Faerie Queene) ۽ فردوسيءَ جي شاه نامه کان ملٽن جي فردوس گم شده تائين، مهاڀارت کان تلسي داس جي رامائڻ تائين ۽ خدا نامه کان شاه نامه ۽ سڪندر نامه تائين جي تحريرن جو، جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪنداسين، ته انهن ۾ محبت ۽ پاڪيزه تخيل جي احساسن سان پرپور ۽ قابلِ انتخاب اهي ئي شعر ملندا، جيڪي داخلي تاثرات ۽ جذبات سان ٿمٿار آهن ۽ انهن ۾ اها ئي ڪيفيت ڇانيل ملندي، جنهن کي پاڻ غنائيت ۽ نغمگي چئون ٿا.” (33)

غنائيت، نغمگي، ساحري ۽ شاعري جو رشتو جيئن ته فطري ۽ ازلي آهي، انهيءَ ڪري سر فلپ سڊني (Sir Phillip Sidney) شاعريءَ

ڪي انسان جي سموري علم ۽ فهم جو سرچشمو سمجهي ٿو ۽ مجنون گورکهپوري وري ان کي تهذيب ۽ تمدن جو امين قرار ڏيندي چوي ٿو: ”شاعري يقينن روشنيءَ جو اهو پهريون ڪِرڻو آهي، جنهن جهالت جي اونداهيءَ جو انت آندو. ڪالديا، بابل، ايران، اشوريه، چين، هندستان، مصر، فلسطين، يونان ۽ روما جي تمدن جو جائزو وٺڻ ۽ تاريخ جا ورق ورائڻ سان اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي، ته پراڻي زماني ۾ شاعري، انسان جي سموري علم ۽ عمل تي محيط هئي. ويد جا اشلوڪ، اوستا جون دعائون، ڪنفيوشسِ جا ملفوظاتِ الاهي، اشعارِ موسويءَ جون تنبيهون ۽ هدايتون، زبور جون مناجاتون، سليمان بن دائود جا گيت ۽ تمثيلون، انجيل جون بشارتون، سڀئي شاعري جا مثال ئي آهن. قديم يونان جا ڏاها شاعريءَ جو سهارو وٺي ئي اُسريا. نه صرف ميوزيوس (Musiaeus)، هيسيڊ (Hesiod) ۽ هومر (Homer) پنهنجن خيالن ۽ خوبصورتين کي شاعريءَ جي اظهار ۾ اوتيو، پر طاليس (Thales)، امپيائوقليس (Empeaocles) ۽ فيثا غورث (Pythogoras) جهڙن عالمن نظامِ ڪائنات ۽ انساني زندگيءَ بابت پنهنجا ويچار ۽ نظريا پڻ شاعريءَ جي زبان ۾ پيش ڪيا.“ (34) ”رومي شاعر ورجل جا، جيارجڪس نالي شعر تمام سهڻا شعر آهن ۽ منجهن کيتيءَ جي باري ۾ تمام مفيد معلومات ڏنل آهي.“ (35)

مذهبي رسمن ادا ڪرڻ کان وٺي جنگي ميدان ۾ جرئت جا احساس اُڀارڻ تائين ۽ انسان جي دل جي دنيا کي خيالن ۽ خوبصورتين سان مالامال ڪري، ان جي فهم ۽ وجدان کي انوکن حسي تجربن ۽ فطرت جي خوبصورت مظهرن سان آشنا ڪرڻ کان علاوه ٻيا اهڙا انيڪ عمل آهن، جيڪي شاعري مختلف وقتن ۾ سرانجام ڏنا آهن، جنهن مان واضح ٿئي ٿو، ته شاعري نه فقط جذبن ۽ احساسن جو فنائتو اظهار آهي، پر ان مختلف وقتن ۾ مختلف سماجي ڪارج پڻ ادا ڪيا آهن. سماجن جي مذهبي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني، فڪري ۽ تخليقي اوسر ۾ متحرڪ ۽ معروضي ڪردار نباهڻ کان علاوه شاعريءَ مختلف موڙن تي قومن کي جوش، ولولي ۽ ثابت قدميءَ جي سگهه به عطا ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾ شاعري سرور ۽ سڪون جي ذريعي سان گڏوگڏ انساني زندگيءَ ۾ هڪ انقلاب برپا ڪندڙ فن آهي.

”قومن جي شاعريءَ جي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو، ته اڪثر وڏن سماجي انقلابن کان اڳ ۾ شاعريءَ ۾ انقلاب ايندو آهي.

صدين جون پيڙائون، ظلم، ڏاڍ، ڏک، ادب ۽ شاعريءَ جو روپ وٺي عوام جو هٿيار بنجي پوندا آهن. اهي هٿيار ڏکن ڏولاون کي طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن...شاعري ذهنن جي ترتيب ۽ تربيت ڪري ٿي. ذوق جي تسڪين ڪري، شعور ۾ وسعت آڻي ٿي. حقن وٺڻ لاءِ آماده ڪري ٿي ۽ ٻولي ۽ ثقافت کي اُجاگر ڪري محفوظ ڪري ٿي." (36)

ان کان علاوه "اخلاقي ۽ قومي ڪمن ۾ اچ تائين شاعريءَ، جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، ان جو مثال ٻئي ڪنهن فنونِ لطيفه جي شعبي ۾ گهٽ ملي ٿو... ڪجهه فن محض تفريحي ۽ آسائشي آهن، ته ڪجهه تبليغي ۽ تدريسي. باقي فنونِ لطيفه مان به ڪنهن، شاعريءَ جهڙيون اعلى ۽ پُر ڪارج خدمتون شايد سرانجام ڏنيون آهن...عرب جنگ وقت جيڪو رجز پڙهندا هئا، اهي شاعر جي جذبات جو سهڻي پيرايي ۾ اعتراف آهن. يورپ جي شاعرن، شاعريءَ جي ذريعي سياسي، قومي ۽ سماجي بيداري جي حوالي سان اڄ تائين جيڪو ڪجهه ڪري ڏيکاريو آهي، اهو نيپولن بونا پارٽ جي فتحن کان به وڌيڪ قيمتي، زياده دل آويز ۽ موثر آهي." (37)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري سنڌي سماج ۾ تهذيبي، اخلاقي، فني ۽ فڪري حوالي سان جيڪا سجاڳي پيدا ڪئي آهي، اها پڻ بي مثال آهي. بقول ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو: "شاهه جي سچي دنيا (هومر جيان) شاهه جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. هو ماڻهن جي پرمن، ويساهن، حرڪتن، همٿن، اميدن، آسرن، عيبن، وٿن، بهادريءَ ۽ عظمت جو شاعر آهي. اهڙيءَ ريت شاهه (هومر جيان) اڄ به ماڻهن لاءِ ايترو اهم آهي، جيترو هو پنهنجي دور ۾ هو." (38)

ان کان علاوه شيخ اياز ۽ ٻين انيڪ سنڌي شاعرن جي شاعري مختلف جبر ۽ استبداد جي دورن ۾ بغاوت جو آواز بڻجي، ماڻهن کي متحرڪ ۽ بيدار ڪرڻ جو جيڪو فڪري ۽ فنڪارانه ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو پڻ مثالي ۽ قابلِ داد آهي.

شاعريءَ جا اهي ئي گڻ آهن، جنهن ڪري ان کي هر دور ۾ هڪ منفرد حيثيت ۽ وقعت حاصل رهي آهي. حقيقت ۾ فنونِ لطيفه ۾، شاعري ئي اظهار جو هڪ اهڙو سگهارو ذريعو آهي، جيڪو گهڻ ڪارجيو ۽ ساحرانه اثر رکندڙ آهي ۽ ان جي انهيءَ دل ۽ دماغ تي ترت اثر ڏيکاريندڙ فڪري، فني، جمالياتي ۽ تخيلاتي قوت کان تمام گهڻا ڪم وٺي سگهجن ٿا.

”شاعريءَ جا جيترا به قسم آهن، يعني فلسفيانه، اخلاقي، عشقيه (انقلابي، جمالياتي)، ۽ تخيلي وغيره، انهن سڀني کي مفيد سماجي ڪارج لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. فلسفيانه شاعري، دقيق خيالن کي آسانيءَ سان ذهن نشين ڪرائي سگهي ٿي. اخلاقي شاعري، ادب ۽ تميز سيکاري ٿي. رومانوي شاعريءَ سان دل کي سڪون ۽ روح کي راحت ملي ٿي. تخيل سان طبيعت کي تازگي ۽ نواڻ حاصل ٿئي ٿي.“ (39)

انقلابي شاعري سان ماڻهن جي جذبن کي گرمائي، انهن جي ستل تقديرن کي جاڳائي ۽ سنواري سگهجي ٿو. جمالياتي شاعريءَ سان ماڻهن کي سونهن جي اعلى احساسن ۽ قدرن کان آشنا ڪري سگهجي ٿو.

حقيقت ۾ شاعريءَ ۾ اهي سموريون خوبيون ۽ خوبصورتيون موجود آهن، جيڪي ان کي ٻين فنن کان اعلى ۽ ارفع بڻائين ٿيون. ”شاعري ذهنن جي ترتيب ۽ تربيت ڪري ذوق جي تسڪين ڪري ٿي. شعور ۾ وسعت آڻي ٿي. سچ سڃاڻڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿي. ٻولي ۽ ثقافت کي اجاگر ڪري محفوظ ڪري ٿي. شاعريءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به فن جو سماجي ڪارج ايترو اعلى ۽ ارفع هجڻ نه صرف مشڪل پر ناممڪن آهي.“ (40)

دنيا ڀر ۾ تائين شاعري، لطف ۽ وندر ورونهن سان گڏوگڏ، انساني فهم ۽ فڪر، تهذيب ۽ تمدن جي ترقي ۽ ترويج ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو سچ ته مثالي آهي ۽ ان کي ڪڏهن به فراموش ڪري نه ٿو سگهجي.

### شاعريءَ جا جمالياتي قدر

شاعري نه فقط انسان جي مزاج ۽ فطرت جي ترجمان آهي، پر اها ان جي جذبن، احساسن، خيالن ۽ خوبصورتين جي عڪاس پڻ آهي، انهيءَ ڪري اها پنهنجي مجموعي تاثر ۽ احساس ۾، ڪنهن قوم ۽ ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن جي ترجماني سان گڏ سموري سنسار جي فطري حُسن ۽ حقيقت جو عڪس ۽ پوري انسان ذات جي داخلي جذبن ۽ احساسن جو آئينو ٿئي ٿي. ان جي غنائيت، فني آهنگ، تخيلي اڏام، احساساتي جمال، وجداني ادراڪ ۽ فڪري اِڪائيت مان، نه صرف هڪ سُڄيت ۽ پُربصيرت ماڻهو محظوظ ٿئي ٿو، پر ان مان داخلي تحرڪ ۽ تبديليءَ جا احساس به حاصل ٿين ٿا، جن جو عوام الناس تي

پڻ اثر پوي ٿو، ان ڪري ئي چيو ويو آهي، ته ”شاعري زندگيءَ جو اظهار آهي.“ (41)

”شاعر، تخليقڪار جي حيثيت ۾، چاڪاڻ ته انتهائي حُسن شناس ۽ حساس ٿئي ٿو. هن جي احساس ۽ شعور جون غيرمعمولي قوتون هڪڙي وجداني وحدت بڻجي، فعال ٿي وڃن ٿيون ۽ هو ان جي اثر هيٺ حُسن بخش اظهار تي قادر بڻجي ٿو ۽ قاري ۽ سامع ۾ ان احساس کي سندن استعداد آهر منتقل ڪري ٿو، بلڪه قاريءَ ۽ سامع جي استعداد ۾ اضافو ڪري ٿو.“ (42) انهيءَ ڪري شاعري نه صرف زندگيءَ جي عام رواجي اظهار تائين محدود رهي ٿي، پر اها لطيف احساسن ۽ جذبن، خيالن ۽ خوبصورتين جي فني ۽ اثرائتي اظهار سبب زندگيءَ جي سچ ۽ سندرتا جي علامت بڻجي پوي ٿي.

زندگي جيئن ته پنهنجي مادي وجود ۽ داخلي وارتائن ۾ تمام گهڻ معنائي ۽ گهڻ رخي آهي، انهيءَ ڪري اسان جڏهن به ان بابت ڪو نقطهءِ نظر قائم ڪندا آهيون، تڏهن ان جي مختلف پهلوئن ۽ حقيقتن جو تجزيو ڪري، جائزو وٺي، انهن جي اهميت ۽ وقعت جو تعين ڪندا آهيون ۽ اها طئي ٿيل وقعت ۽ اهميت ئي ان جا قدر بڻجندي آهي. سگهارن ۽ مثبت قدرن سان نه صرف هڪ سگهاري تخليق جو وجود ممڪن بڻجي ٿو، پر انهن سان سماج جي تهذيب ۽ تاديب پڻ ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ تاج صحرائي پنهنجي مقالي، ”وکر سو وهاءِ“ ۾ مغربي مفڪر ليوئس ممفورڊ (Leowis Mumford) جو حوالو ڏيندي، لکي ٿو:

> “Mans' chief purpose is the creation and preservation of values; that is what gives meaning to our civilization and the participation in this is what gives significance ultimately to the individual human life...values are hedonistic and utilitarian.” (43)

(انسان جو اهم مقصد، قدرن جي تخليق ۽ انهن جي پاسداري آهي. اهي قدر ئي آهن، جيڪي اسان جي تهذيب کي مُلهائتو بڻائين ٿا ۽ انهن جي عمل دخل سان زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ کي معنائون ملن ٿيون. قدر آسائش ۽ آجپو عطا ڪن ٿا.)

جيتري تائين شاعريءَ جي قدرن جو تعلق آهي، ته ان لاءِ مختلف نقادن جا مختلف خيال آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته، ”شاعريءَ يا آرٽ متعلق بحث ڪرڻ اجايو آهي، ڇو ته شاعري يا آرٽ جو صرف هڪ ئي قدر آهي، اهو آهي جمالياتي قدر.“ (44)

ڪي چون ٿا: ”شاعريءَ جو مقصد علم يا هدايت ڏيڻ ڪونهي، بلڪه خوشي ڏيڻ آهي.“ (45)

جڏهن ته ڊاڪٽر فهميده حسين، هوريس (Horace) جو حوالو ڏيندي لکي ٿي: ”شاعري درس ڏيندڙ به آهي، ته خوشي ڏيندڙ به.....ادب جو اهم اصول فضيلت، نفاست ۽ سليقو آهي. جيئن فطرت ۾ بي ساختگي آهي، ان ڪري اها حسين آهي، ائين بي ساختگي وارو فن به حسين ٿيندو آهي.“ (46)

عبدالرزاق راز پنهنجي مقالي، ”شاعريءَ جا قدر ۽ رجحان“ ۾، شاعريءَ جي قدرن ۽ شاعريءَ جي رجحانن کي الڳ قرار ڏيندي چوي ٿو: ”ادبي قدرن کي متعين ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪسوٽيون پيدا ڪري حاشيه آرائيون ڪيون ويون آهن. هر اديب پنهنجي بساط موجب موضوعن ۽ رجحانن کي مروڙي سروڙي قدرن جو درجو ڏنو آهي. جڏهن ته قدر ۽ رجحان ۾ وڏو فرق آهي....ادب جي زندگيءَ جو دارومدار قدرن تي آهي. ادب جو وڏي ۾ وڏو قدر حُسن ۽ جمال آهي....ادب جو ٻيو قدر صداقت آهي، جنهن جا سچائي ۽ حقيقت پسندي ٻه مکيه پهلو آهن. ٽيون قدر انصاف آهي، جنهن جا اخلاق ۽ انسان دوستي ٻه مکيه جزا آهن.“ (47)

هُو صاحب، حُسن، انصاف ۽ صداقت کي ادب جا لافاني قدر تسليم ڪندي، ٻک، آزادي، محنت ۽ وطن پرستي وغيره کي شاعريءَ جا موضوع سڏي ٿو، جيڪي سندس خيال موجب وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان مٽبا سٽبا ۽ تبديل ٿيندا رهن ٿا.

جڏهن ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاعريءَ جي سهڻائيءَ ۽ دل پذير اثرن واري خوبين تي ڳالهائيندي ، پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: ”ڇا شعر جي خوبي ۽ سهڻائي شعر واري مضمون ۽ ڳالهه ۾ آهي يا شعر ۾ سمايل معنیٰ ۽ خيال ۾؟ اها خوبي لفظن جي بديع، معاني ۽ بلاغت وارين نزاڪتن ۾ آهي يا لفظن جي سٽاءَ، ترنم ۽ موسيقيءَ ۾؟ اها خوبي شعر جي ٻولي ۽ الفاظ ۾ آهي يا شعر ۾ سمايل احساسات ۽ جذبات ۾؟... انهن (سوالن) جا جواب ٻن قسمن جا آهن. هڪ ذهني يا علمي جواب، ٻيو دلي يا احساساتي جواب. علمي جواب مطابق شاعر جون وجداني ڪيفيتون، حُسنِ ذوق، تخيل وغيره ۽ (ٻيو احساساتي جواب، جنهن موجب) بياني خصوصيتون، جيڪي بديع،

معاني ۽ بلاغت جي بابن هيٺ عالمن بيان ڪيون آهن، سي شعر کي سهڻو ۽ اعلیٰ بڻائين ٿيون.″ (48)

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي، ته جماليات، شاعريءَ جي بنيادي قدرن مان اهو سگهارو قدر آهي، جيڪو شاعريءَ ۾ حظ ۽ تسڪين پيدا ڪري ٿو. شاعريءَ ۾ حقيقت ۽ سچائيءَ جي پهلوئن کان به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، پر ڇا اهي قدرُ ئي شاعريءَ جي مِڙني معنائن، مقصدن ۽ ڪيفيتن جو اڪيلي سِر پورائو ڪري سگهن ٿا؟

ڇا شاعري رڳو حظ ۽ تسڪين آهي ۽ اها تسڪين، جنهن جو معروض بدران صرف هوائي توائي خيالن سان تعلق آهي، اها ڪائي وقعت به رکي ٿي؟ ڇا اها سڪٽي حقيقت، جيڪا اخبار جي خبر جهڙي آهي، سا به ادب آهي؟ سماجي خيالن، فڪري خوبصورتين ۽ احساساتي ادراڪ کان وانجهيل اظهار جو به ڪوئي ڪارج آهي؟ ادب ۾ مقصد اهم آهي يا حُسن ۽ حقيقت جي اُپٽار؟ ادب نظرياتي ۽ فڪري پرچارڪ آهي يا تخليقڪار جي وجداني وارتائن ۽ سماجي صداقتن جو عڪس ۽ اولڙو؟ ڇا زندگيءَ جا قدر هڪڙا ۽ ادب ۽ شاعريءَ جا قدر ٻيا آهن؟ ادب ۽ شاعري، زندگيءَ جو ئي ڪو عمل آهي يا اهي ان کان ماورا ڪائي ٻي صداقت آهن؟

اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي سوال آهن، جيڪي ادب ۽ شاعريءَ جي گهڻ رخي ۽ تجزياتي مطالعي جا گهرجائو آهن، پر جيڪڏهن مٿئين ڳوڙهي ۽ مُنجهيل سوالن جو ڪوئي سادو ۽ سولو جواب ڏجي، ته پوءِ اهو ائين سمجهائي سگهجي ٿو، ته شاعري، ڪنهن هنرمند وانگر رڳو ڪاريگري ۽ حرفت جو ڪم نه آهي. نه ئي اها ڇڙي جذبات ۽ ولولا انگيز اظهار جو نالو آهي، پر اها انسان جي ڪمال تخليقي سگهه ۽ فنڪارانه سُرت جو نتيجو ٿئي ٿي ۽ ان جي تخليق ۾ سماجي سچائين سان گڏوگڏ هڪ شاعر جو فڪري، فني، احساساتي ۽ جمالياتي ادراڪ پڻ شامل هوندو آهي.

″ادب (شاعريءَ) کي زندگي (سماج) کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي. زندگي جا مسئلا ئي ادب جا مسئلا هوندا آهن. ادبي تخليق ۾ زندگيءَ سان گڏ اديب جي قلبي واردات جي سچي ترجماني به هوندي آهي...ادب انساني تجربي جي مڪمل علم ۽ ادراڪ جو نالو آهي ۽ اهو علم ۽ ادراڪ اهڙي غير معمولي صلاحيت آهي، جنهن جي اظهار جو ذانءُ ۽ ذات فقط هڪ باشعور ۽ درد مند دل انسان

وٺ هوندو آهي. ان انسان کي نه صرف اظهار جي ذات حاصل هوندي آهي، پر ان جو اظهار سچو به هوندو آهي، ته حسين به، مڪمل به هوندو آهي، ته مثبت ۽ موثر به. انهيءَ ڪري ادب تنقيدِ حيات ۽ زندگيءَ جي گهرائيءَ ۾ ٽٻي هڻي، زندگيءَ حاصل ڪرڻ جو نالو آهي....شاعر ۽ اديب، معاشري جي مروج طرزِ احساس مان پنهنجو طرزِ احساس جوڙيندو آهي. هو معاشري مان واقعا، حادثا ۽ حقيقتون پنهنجي ادب جي تخليق لاءِ فقط خام مواد طور ڪٽندو آهي....ادب، زندگيءَ ۾ نيون معنائون تلاش ڪري ٿو، انهيءَ ڪري اهو زندگيءَ جي شعور جو نالو آهي ۽ انهيءَ شعور ذريعي اسان تبديل ٿيون ٿا ۽ اسان جي اندر ۾ قوتِ عمل پيدا ٿئي ٿو، جيڪو اسان جي سوچ، تجربن ۽ احساسن کي يڪسر تبديل ڪري ڇڏي ٿو.“ (49)

حقيقت ۾ لفظن ۾، جذبن جو روح ۽ سِٽن ۾ سُرتِ ۽ پرپور تاثر جي ڪماليت رڳو جمالياتي قدرن ڪارڻ ڪونه ٿي پيدا ٿئي، نه ئي اها فقط ڪنهن مخصوص مطلب ۽ مقصد سبب جنم وٺي ٿي، پر ان ۾ شاعر جو تجربو ۽ اظهار، ٻولي ۽ خيال جو فطري آهنگ، فڪر ۽ احساس جي سماجي افاديت، شعور ۽ وجدان جي هم آهنگي ۽ ٻيا اهڙا انيڪ افادي ۽ غير افادي قدر آهن، جيڪي ملي شاعريءَ کي تاثراتي، فڪري ۽ جمالياتي دوام بخشن ٿا.

”صحيح معنیٰ ۾ شعر اهو آهي، جو انساني حيات جي تجربات، جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪري.“ (50)

”انسان جو وجود داخلي اعتبار کان جيئن ته جذبي، احساس، ارادي، ادراڪ، عقل ۽ شعور جي مڙني قوتن جو مرڪب آهي، ان ڪري ڪا به فني تخليق سندس عقل ۽ شعور کان بالاتر ۽ الڳ نه آهي...جذبو ۽ عقل، ارادو ۽ شعور يقينن هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن، ان طرح شاعري يا مصوري يا ڪو ٻيو لطيف فن، فنڪار جي شعور ۽ وجدان جي آميزش سان سِرجي ٿو. پوءِ ڀلي شعور پسمنظر ۾ هجي، توڙي تحت الشعور ٿي اچي، پر ان جي امداد ۽ آميزش کان سواءِ اعلیٰ ترين شاعري ممڪن نه آهي.“ (51)

شاعريءَ ۾، جمالياتي تسڪين ۽ لطف تڏهن پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ان ۾ شاعر جو اثرائتو احساس، تجربو، ادراڪ، ۽ فنائتو اظهار شامل ٿئي ٿو. يعني شاعر جي علمي، احساساتي، عملي، فني ۽ فڪري شموليت سان ئي اهو سڀ ڪجهه ممڪن بڻجي ٿو. ”شاعري ۽

آرٽ ۾ هر اها شيءِ جيڪا سگهي ٿي تاريخي شعور يا صرف سماجي مفهوم يا محض موضوع جي بنياد تي وجود وٺي ٿي ۽ ان ۾ پنهنجو ڪوئي تخليقي جوهر ڪونهي، اها وقت سان گڏ پنهنجي وقعت وڃائي ويهي ٿي. البته جيڪڏهن فنڪار ان ۾ پنهنجي ڪمال ذات سان ڪائي جمالياتي جوت جرڪائي ٿو يا ٻين لفظن ۾ پنهنجي فني اخلاص ۽ خونِ جگر جي آميزش سان ان کي موثر ۽ موهيندڙ بنائي ٿو، ته اها تخليق ئي امرتا ماڻي ٿي." (52)

شاعر پنهنجي وجداني ڪيفيت ۽ تخليقي احساس سان جيڪڏهن اهڙي شعري وحدت تخليق ڪندو، جنهن جي سونهن، لطافت ۽ دلڪشي، احساسِ جمال جو مظهر هوندي ۽ ان جو اثر سماجي درد جي احساس ۽ عصري حالتن مان ورتل هوندو، ته اها شاعري نه فقط عرصي تائين زنده رهڻ جي سگهه رکندڙ هوندي، پر اها سماج جي فڪري ۽ احساساتي تبديليءَ ۾ "قوتِ شِفا" جهڙو ڪردار پڻ ادا ڪندي. جنهن مان واضح ٿئي ٿو، ته "جمالياتي قدر، شاعريءَ جا آخري ۽ واحد قدر ناهن، ڇو ته انهن جي پيدا ٿيڻ ۾ افادي قدرن جو عمل دخل به آهي...ٻين لفظن ۾ شاعريءَ جي تخليق رڳو جمالياتي فعل ئي ناهي، پر افادي فعل به آهي." (53)

افاديت ڪان سواءِ هر شيءِ اجائي آهي. هڪ شاعر ۽ تخليقڪار جو عمل سماجي سچائين، گهري شعوري ادراڪ ۽ احساس جي وجداني وارتائن سان لاڳاپيل آهي، انهي ڪري ان جي اهميت ۽ افاديت انفرادي سان گڏوگڏ اجتمائي پڻ آهي.

حقيقت ۾، ادب ۾ "ادب براءِ ادب، ادب براءِ فن ۽ ادب براءِ ذات" جا مفروضا مغربي معاشري جو روڳ ۽ رنگ آهن، جيڪي اڄ هلي ڪنهن وائرس وانگر اسان جي ادب ۾ پڻ پکڙيا آهن. ان حوالي سان رضي عابدي پنهنجي مقالي، "ادب اور سماجي وابستگي" ۾ لکي ٿو: "ادب ۾ سماجي وابستگي جو سوال حقيقت ۾ اسان جي ادب ۽ معاشري سان لاڳو نه آهي، ڇو ته اسان جي ادب ۾ اهڙي ڪائي روايت ڪانهي، جتي ادب کي سماجي تقاضائن کان الڳ رکيو ويو هجي... اسان جو ادب، شاعري توڙي نثر نه صرف سماج سان وابسته آهي، پر اهو سماجي ذميداري به قبول ڪري ٿو... سماج سان ادب جي غير وابستگيءَ جو سوال دراصل اٺويهين صديءَ جي مغربي تهذيب جو مسئلو هو، جنهن جي ابتدا فرانس کان ٿي ۽ ان فڪر جي ڦهلاءَ ۾

گوئچيئر (Gautier)، بودليئر (Baudelaire)، ملارمي ۽ رمبو جا نالا شامل آهن.“ (54)

هڪ اديب ۽ شاعر به سماج جو فرد ٿئي ٿو. هن جي سوچ، هن جو فڪر ۽ هن جي احساساتي ۽ تخليقي سگهه به سماجي تجربن جي پيداوار هوندي آهي. ”جيڪو اديب (شاعر) صرف جذبات جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ پنهنجي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي مسئلن کان نا آشنا آهي، ان جو شعور سچ ته خام ئي آهي.“ (55)

جيڪڏهن شاعر جو تجربو ۽ احساساتي قدر ناقص ۽ سطحي آهي، ته ان مان پيدا ٿيندڙ تاثر به اهڙو ئي معمولي هوندو ۽ جي شاعر جو تجربو، ادراڪ، احساساتي قدر ۽ اظهار سگهارو ۽ سماجي سچائين سان سلهاڙيل هوندو، ته ان جو اثر به غير معمولي ۽ جٽادار هوندو. ان حوالي سان فيض احمد فيض پنهنجي هڪ مضمون، 'جماليات ۽ شاعريءَ جا قدر' ۾ لکي ٿو: ”شاعر جو تجربو جيترو گهرو ۽ همه گير هوندو، ان ۾ ايتري ئي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ هوندي. جيڪڏهن جمالياتي قدر رڳو لفظن جي شائستگيءَ تي مدار رکن ها، ته چرڪين (اردو زبان جو شاعر) اسان جي عظيم شاعرن مان هجي ها. اسان ان کي عظيم شاعر ان ڪري نه ٿا چئون، ڇو جو هن جا تجربا سطحي قسم جا ۽ قدر معمولي آهن.“ (56)

ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته هڪ سُچيت، جمالياتي حسيت ۽ گهري سماجي شعور سان واڳيل شاعر جو اظهار بذاتِ خود هڪ قدر مترادف آهي، جيڪو زندگيءَ جي سمتن جي تعين ۽ تبديليءَ جا بنئي ڪم، هڪ ئي وقت سرانجام ڏئي ٿو. شاعر جو ادراڪ، فڪر ۽ فن، نه رڳو شاعريءَ ۾ ندرتن کي جنم ڏئي ٿو، پر اڻ ڪٿي سماجي سچائين کي پڻ عيان ڪري ٿو، جنهن ڪري ئي ايچ ٽي سورلي (H.T.Sorely) چوي ٿو:

“It is the function of poet not merely to express felicitously the ideas of his time but also to use his own language musically in )57order to bring out the great truths.” (

(ڪنهن به شاعر جو ڪم رڳو اهو نه آهي، ته هو پنهنجي دور جا تصور هوڙائي سان پيش ڪري، پر هو پنهنجي اظهار کي اهڙي سُريلي ۽ سجائتي نموني استعمال ڪري، جو ان ذريعي عظيم سچائيون حاصل ٿين.)

هنگامي ۽ تبليغي شاعري، وقت گذرڻ سان نه صرف پنهنجو اثر ۽ احساس وڃائي ويهي ٿي، پر اها پين ڪوڙ رواجي شين جيان بي معنى بڻجي، مٽي ۾ ملي وڃي ٿي. حقيقت ۾ شاعري روايت ۽ جدت جو حسين سنگم آهي، پر اها روايت ڏيئي مان ڏيئو روشن ڪرڻ جهڙي نه، پر ڏيئي مان آفتاب تراشڻ جهڙي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ٽي ايس ايليٽ (T.S.Eliot) چوي ٿو:

"Poetry is not a personal letter from one individual to another, but a composition in which the writer ceases to exist as such and becomes the medium of experience that belongs to all who read and understands." (58)

(شاعري هڪ جو، ڪنهن ٻئي ڏانهن لکيل ذاتي خط ڪونهي، پر اها شاعر جي تجربن ۽ ڪيفيتن جي اهڙي روئداد آهي، جيڪا پڙهندڙن ۽ پروڙيندڙن جي تجربي جو حصو محسوس ٿئي.)

"جماليات، انساني زندگيءَ جي لهر آهي، ان جا شعوري محرڪات، انساني فطرت جي تعمير ۾ پاڳي پائيوار آهن. جماليات، فڪري آزاديءَ جي روشنيءَ ۾ احساسِ جمال جي لاٽ روشن ڪري ٿي ۽ اها بربريت، قتل ۽ غارت جي وحشت کي پڙڪائي نه ٿي، پر اها تهذيب ۽ تمدن جا چراغ روشن ڪري ٿي.... انهيءَ ڪري اعلى ادب، زندگيءَ جي جمالياتي يا تعميري قدرن جو نقيب ٿئي ٿو." (59)

"جهڙي طرح وجود هر جڳهه موجود آهي ۽ هر جاءِ تي مختلف رنگن، شڪلين، حيثيتن ۽ ڪيفيتن ۾ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو، ساڳيءَ ريت حُسن هر شيءِ تي محيط ۽ هر شيءِ ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ موجود آهي... پر جمالياتي حُسن، ماورائي حُسن کان الڳ هڪ شيءِ آهي، ڇو ته ان جو ادراڪ حواس ۽ عقل جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي. جمالياتي نقطهءِ نگاهه کان هر شيءِ حسين ڪونه ٿيندي آهي، پر ڪجهه شيون حسين ۽ ڪجهه قبيح هونديون آهن... ۽ شين جي نقصن کي ڪمال حسن ۾ بدلائڻ ئي فن جو ڪم آهي." (60) ۽ اها ڪمال حُسن جي قوت ۽ فني ندرت شاعريءَ ۾ وحدتِ احساس ۽ انيڪ جمالياتي قدرن جي صورت ۾ موجود آهي. ادب ۾ جماليات صرف احساس ۽ جذبي جي ڪونهي، پر ان سان گڏوگڏ فن ۽ فڪر جي افاديت، لفظن ۽ ٻوليءَ جو حسن، اظهار ۽ اسلوب جي سندرتا، هيئت ۽ حسيت جي لطافت ۽ ٻيون اهڙيون انيڪ خوبيون آهن، جيڪي ادب کي تخليقي عظمت جو درجو عطا ڪن ٿيون.

”لفظن جي سهڻي ترتيب ۽ ٻوليءَ جي جمالياتي سونهن، اسلوب ۽ اسٽائيل جي منفرد ۽ اعلى نموني ذريعي ئي ڪنهن اعلى خيال جو بهتر ۽ موثر اظهار ڪري سگهجي ٿو. ڪيترو به اعلى خيال هجي، جيڪڏهن پيشڪش جو انداز متاثر نه ڪندو، ته اهو پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏيندو ۽ پڙهندڙ ان مان ڪوبه لاڀ پرائي نه سگهندو. ساڳيءَ ريت ڪيترو به سهڻو انداز ۽ اعلى اظهار هوندو، جيڪڏهن خيال ۾ دم نه هوندو، فڪري بلندي ۽ عظمت نه هوندي، ته اهو پڙهندڙ جي توجهه حاصل ڪري ڪونه سگهندو. جذبن، احساسن جي لطافت ۽ نزاڪت، فڪر ۽ خيال جي بلندي، تخيل جي اُڏام، اسلوب جي انفراديت ۽ ٻوليءَ جي سونهن سان ئي ڪا لکڻي اعلى فن جو مَقام ماڻي سگهي ٿي.“ (61)

مٿئين سموري تفصيل ۽ بحث تي جيڪڏهن غور ۽ ويچار ڪنداسين، ته ان مان معلوم ٿيندو، ته شاعريءَ جا جمالياتي قدر رڳو حُسن ۽ فن تائين محدود نه آهن، پر انهن جو ٻين ڪافي سماجي، فڪري، تخليقي، احساساتي ۽ افادي قدرن سان پڻ لاڳاپو آهي، جنهن ڪري هڪ حوالي سان جمالياتي قدر بذاتِ خود هڪ سماجي قدر آهي.

فرض ڪريو، هڪ شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ڪنهن اهڙي ذاتي شيءِ جي مبالغه آميز تعريف ڪري ٿو، جيڪا معمولي قسم جي آهي. ان جي اجتمائي طور تي ڪائي وقعت ۽ اهميت ڪونه آهي. ان ۾ ماڻهن جي خوشين ۽ خواهشن جو احساس موجود نه آهي، ته ماڻهو ان قسم جي شاعريءَ مان ڪوئي حظ، حُسن ۽ سڪون حاصل ڪري ڪونه سگهندا_ پر جيڪڏهن اهو ئي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ محبت، جدوجهد، انصاف، آجپي، درد ۽ حسن جي مظهرن جو ذڪر ڪندو، ته اهو گهڻن لاءِ توجهه، ڪشش ۽ مسرت جو باعث بڻجندو، ڇو ته ان ۾ نه فقط شاعر جا تجربا، احساس ۽ فني ندرتون شامل آهن، پر اهي اجتماعي طور تي اسان سڀني جي داخلي احساسن جي ويجهو ۽ خارجي وارتائن جي نمائندگي ڪندڙ آهن. انهيءَ ڪري شاعر ۽ شاعريءَ جا اهي قدر صحيح ۽ سڪارتا آهن، جيڪي دل ۽ دماغ کي تازگي ۽ تسڪين عطا ڪن ٿا. جيڪي جذبي ۽ فڪري عمل کي هم آهنگ بڻائي، احساس ۽ شعوري وسعتن جي خوبصورت سنگم کي ممڪن بڻائن ٿا. جيڪي ماضي کي حال سان ۽ حال کي مستقبل سان اهڙيءَ

ريت جوڙن ٿا، جو ان ۾ زمان ۽ مڪان هڪ ايڪو بڻجي، روح جيان ڌڙڪڻ لڳي ٿو. جنهن شاعريءَ ۾ اهي خاصيتون آهن، اها جمالياتي لحاظ کان به اثرائتي ۽ موهيندڙ هوندي، ته زندگيءَ جي سونهن ۽ سچائين جي نمائندگي به ڪندي.

ادب ۽ زندگيءَ جو رشتو سکڻن واقعن سان نه، پر احساساتي روح سان قائم ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جميل جالبي زنده رهڻ واري ادب کي زندگيءَ جي متحرڪ ۽ زنده قدرن جو نتيجو قرار ڏيندي چوي ٿو: ”زنده رهڻ واري ادب ۾ ٽي شيون هڪ ئي وقت موجود هونديون آهن. هڪ ته ان ۾ تخليقڪار جو پنهنجو دور ۽ ان جو احساس ۽ ادراڪ موجود هوندو آهي. ٻيو ان ۾ ماضيءَ جو ورثو، ان جون روايتون ۽ شعور شامل هوندو آهي، ۽ ٽيون ان ۾ مستقبل جو روح موجود هوندو آهي. اهي ٽئي عنصر پاڻ ۾ ملي، هڪ اهڙي وحدت کي جنم ڏيندا آهن، جو اها ادبي تخليق نه صرف پنهنجي دور جي روح جي ترجمان بڻجي پوندي آهي، پر وقت سان گڏ ان جي اثر ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ان جي خوشبو سپني جا روح واسي ڇڏيندي آهي.“ (62)

شاعريءَ جا جمالياتي قدر ڪي جامد، الڳ ۽ مافوق الفطرت ڪونه آهن، پر اهي متحرڪ، فعال سماجي ۽ فنڪارانه تخليقي عمل جي پيداوار ۽ زندگيءَ جي لاپائتن قدرن سان لاڳاپيل آهن. حقيقت ۾ زندگيءَ جا اهي قدر، جيڪي انسان جي آچپي کي تقويت ۽ تازگي بخشن ٿا، اهي ئي شاعريءَ جا جمالياتي قدر آهن.

حوالا:


1. هادي، محمد حسين، (مرتب) ”مغربي شعريات“ ، (مقالا) ”فن اور شاعر مين تخليقي وجدان“ ، مجلس ترقي ادب لاهور، طبع دوم، 2005ع ، ص**356**.
2. هَڪڙو، انور، ڊاڪٽر (مرتب)، ”ادب، زندگي ۽ سماج“ ، (مقالو) ”ادب ۽ ان جي تاريخي حيثيت“ ، قريشي خانائي حامد علي ، مهراڻ اڪيڊمي ، 2006ع، ص129.
3. گورکهپوري، مجنون، ”ادب اور زندگي“ ، مڪتبه دانيال ڪراچي، 1969ع، ص58.
4. هَڪڙو، انور، ڊاڪٽر (مرتب)، ”ادب، زندگي ۽ سماج.“ (مقالو)، ”ادب ۽ ان جي تاريخي حيثيت“ ، قريشي حامد علي خانائي، ص133.

5. هَڪڙو، انور، فگار ڊاڪٽر (مرتب)، ”ادب، زندگي ۽ سماج.“ (مقالو)، ”ادب“ ، قاسمي علامه غلام مصطفى، ص9.
6. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”جامع سنڌي لغات جلد1“ ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1995ع، ص 154.
7. مولوي، فيروزالدين (مرتب)، ”جامع فيروزاللغات اردو“ ، فيروز سنز لاهور، ص77.
8. سيد، عبدالله، ڊاڪٽر، ”اشاراتِ تنقيد“ مڪتبه خيابان ادب لاهور، 1972ع، ص237.
9. هَڪڙو، انور، ڊاڪٽر (مرتب)، ”ادب، زندگي ۽ سماج.“ (مقالو)، ”ادب“ ، قاسمي علامه غلام مصطفى، ص10.
10. قادري، امير علي (مرتب)، ”او ڪو ٻيو فهم“ ، (مقالو) ”علم ادب“قاضي علامه آءِ آءِ، ص36.
11. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ، ص64، 67.
12. ايضاً، ص63.
13. ايضاً، ص69.
14. فهميده حسين، ڊاڪٽر،“ ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ“ ، ص16.
15. عباسي، تنوير، ”ٽِرورا“ ، سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع، ص60.
16. قادري، امير علي (مرتب)، ”او ڪو ٻيو فهم.“ (مقالو)، ”ادب ۽ زندگي“ ، سنڌ فلاسافيڪل سوسائٽي حيدرآباد، ص105، 107.
17. گورکهپوري، مجنون، ”ادب اور زندگي“ ، ص48.
18. چانڊيو، جامي، ”ادب، سياست ۽ سنڌي سماج“ ، سي پي سي ايس حيدرآباد، 2008ع، ص63.
19. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، ”ادب جا فڪري محرڪ“ ، ص25.
20. جويو، خاڪي، ”ترقي پسند ادب جا معيار“ ، ساڃاهه پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع، ص12.
21. مولانا، شبلي نعماني، ”شعرالعجم جلد چهارم“ ،معارف پريس اعظم گڑه، 1951ع ص3.
22. **Matthew Arnold, "Essays in criticism" , Famous products urdu bazar Lahore 2006, p19.Ibid p:22**
23. بيگ، مرزا قليچ، ”سنڌي شعر“ ، سنڌي ساهت سوسائٽي، ص2**.**
24. **V.Afanasav, "Marxist philosophy" Progress publishers Moscow, 1968 p:348**
25. مولانا، شبلي نعماني،“ شعرالعجم جلد چهارم“ ، ص86**.**
26. گورکهپوري، مجنون، ”ادب اور زندگي“ ، ص244، 247**.**
27. ايضا ، ص249**.**

28. **Caud well Christopher, “Birth of poetry, illusion and reality” peoples publishing house bomby, pp; 12, 28.**
29. بيگ، مرزا قليچ، ”سنڌي شعر“ ، ص3، 7، 10
30. ايضا، ص16، 17**.**
31. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“ ، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع، ص309
32. گورکهپوري، مجنون، ”ادب اور زندگي“ **,** ص26**.**
33. ايضاً، ص250
34. اِيليٽ ٽي. ايس / محمد ابراهيم جويو، ”شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ ، ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 3 ،4/ 1965ع، ص249
35. ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي لسانيات ڪان سماجي لسانيات تائين“ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي،1998ع، ص96 ،98
36. مرزا، سلطان احمد، ”فنونِ لطيفه“ مکتبه جمال لاهور، 2009ع، ص96
37. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1978ع، ص89
38. مولانا، شبلي نعماني،“ شعرالعجم جلد چهارم“ ، ص86
39. ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي لسانيات ڪان سماجي لسانيات تائين“ ، ص98
40. ايضا، ص89
41. لغاري، حيدر علي، ”اندر مُلهه، آملهه“ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1998ع، ص97
42. صحرائي، تاج، ”نيٽين نند اکوڙ“ ، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، حيدرآباد، 2000ع، ص21
43. فيض، احمد فيض، ”جماليات ۽ شاعريءَ جا قدر“ ، ماهوار“ ڪينجهر“ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، فيبروري 1993ع، ص60
44. فهميده حسين، ڊاڪٽر،“ ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ“ ، ص68
45. ايضا، ص48،49
46. راز، عبدالرزاق، ”تنقيد ۽ تجزيو“ سنڌي ادبي سوسائٽي سکر، 1966ع، ص116،117
47. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”شاعري“ ٽه ماهي مهراڻ 4/3، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1969ع، ص22.
48. رشيد شاهد ، ”محبت، ضمير، انقلاب“ الائيو پبلشرز لاهور، 1998ع، ص99،103
49. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”شاعري“ ٽه ماهي مهراڻ 4/3، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1969ع، ص13، 14

50. لغاري، حيدر علي، ”اندر مُلهه، آملهه“ ، ص96
51. نارنگ، گوپي چند، ”ادبي تنقيد اور اسلوبيات“ ، سنگِ ميل پبليڪيشن لاهور، 1991ع، ص213
52. فيض، احمد فيض، ”جماليات ۽ شاعريءَ جا قدر“ ، ماهوار“ ڪينجهر“ ، ص61
53. رضي، عابدي، ”تيسري دنيا ڪا ادب“ ، مڪتبه فڪر و دانش لاهور، 1988ع، ص121
54. ايضا، ص109
55. فيض، احمد فيض، ”جماليات ۽ شاعريءَ جا قدر“ ، ص61
56. **H.T.Sorely, "Shah Abdul Latif of Bhit" , Oxford University Press London,1940, p: 208**
57. **Nitish K. Basu, "Literature and criticism" Book land pvt: limited Calcuta, 1962, p:38**
58. سيد، وقار احمد، پروفيسر، ڊاڪٽر، ”تاريخِ نقد“ نيشنل بُڪ فائونڊيشن اسلام آباد، 2003ع، ص156.
59. هادي، محمد حسين (مرتب) ”مغربي شعريات“ ، ص355،356 .
60. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ”ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ“ ، ص23.
61. جالبي، جميل، ڊاڪٽر، ”نئي تنقيد“ ، رائل بُڪ ڪمپني ڪراچي، 1985ع، ص281..